# قديم سنڌ جا ستارا

مرزا قليچ بيگ

١٩٢٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قديم سنڌ جا ستارا

مرزا قليچ بيگ

پهريون ڇاپو :- ١٩٢٣ع
ڇپائيندڙ :- سنڌ پبليشنگ هاؤس

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قديم سنڌ جا سِتارا

يعني

## عالم ۽ فاضل مصنّف ۽ شاعر

لکندڙ

## مرزا قليچ بيگ

قيمت ٠-٥-٠ آنا

١٩٢٣ع

پارتواسي پريس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ديباچو

هي ننڍڙي ڪتاب ۾ قديم سنڌ جا ستارا ڏنا ويا آهن. قديم سنڌ جي معنيٰ سؤڪن ورهين کان اڳي جي سنڌ سمجهڻ گهرجي، يا انگريز سرڪار جي حڪومت کان اڳي. ۽ ستارن مان مطلب آهي اهي مخصوص مشهور عالم ۽ فاضل جي مصنف يا شاعر هئا. عالم ۽ فاضل، اولياءَ ۽ درويش وغيره ته بيشمار آهن، جن جو ذڪر اسان ڌار ٻهڃجي ٻئي ڪتاب ۾ آندو آهي، جنهنجو نالو آهي قديم سنڌ ۽ انهي جا شهر ۽ ماڻهو. هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ انهن ماڻهن توڙي سنڌ ۾ تصنيفن يا ڪتابن جي الف بي وار يادداشت به ڏني ويئي آهي. ٻڙيئي ١٨١ ماڻهن ۽ ٩٦ ڪتابن جا نالا آيا آهن. انهي مان معلوم ٿيندو ته اسان جي سونهاري سنڌ ۾ اڳي ڪيترا نه ناميارا ماڻهو ٿي گذريا آهن، جن مان ڪي ته ساري هندستان ۾ بلڪ انهي کان ٻاهر به مشهور ٿيا آهن ۽ سچ پچ اهي سنڌ جا چمڪندڙ تارا آهن. انهن تي اسان کي فخر ڪرڻ جو سبب آهي. افسوس آهي ته گهڻن ماڻهن کي انهن جي ڪا به خبر ڪانهي. اميد آهي ته هي ڪتاب سنڌ جا ماڻهو گهڻي شوق مان پڙهندا.

حيدرآباد، سيپٽمبر سنه ١٩٢٣ — قليچ بيگ


Scanned with CamScanner

# قديم سنڌ جا ستارا

## فصل ١- بکر، لوهري (روهڙي) ۽ آس پاس وارو ملڪ

(١) مير معصوم شاه- هو سيد صفائي بن سيد مرتضي ترمذيءَ جو پٽ هو، جو سيد قلندر بن بابا حسن ابدال مشهور اولياءَ جي نسب مان هو ۽ بکر ۾ اچي رهيو هو. هو وڏي علم ۽ عمل وارو ماڻهو هو. جڏهن مرزا شاه حسن ارغون سنڌ جو والي هو، تڏهن هن شاه قطب الدين بن شاه محمود خراسانيءَ کي بکر جو شيخ الاسلام ۽ واعظ مقرر ڪيو هو. انهيءَ جڏهن سنه ٩٧٧ هه ۾ وفات ڪئي، تڏهن انهيءَ وقت جي حاڪم سلطان محمود خان سيد صفائيءَ کي انهيءَ جي جاءِ تي شيخ الاسلام مقرر ڪيو، جنهن سنه ٩٩١ هه ۾ وفات ڪئي. مذڪورين شاه قطب الدين جي عزيزن مان هڪڙو شخص **شاه جهانگير هاشمي** مرزا شاه حسن جي زماني ۾ خراسان کان سنڌ ۾ آيو، جو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو. هن جي مثنوي مظهر الآثار مشهور آهي، جا هن جاميءَ جي مثنوي تحفة الاحرار جي جواب ۾ لکي هئي. سنڌ ۾ ديوان هاشمي مشهور آهي، اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُنهن مان به ڪي مشهور عالم فاضل شاعر ٿيا، جن جو ذڪر
اڳتي واري فصل ۾ ايندو.

(٣) **قاضي قاضن** ولد قاضي محمد قاسم سيوستان
جي مشهور بزرگن ۽ عالمن فاضلن مان آهي. هو مشهور قاضي
ابوالخير بکر واري جي اولاد مان هو. قاضي قاضن
وڏو حافظ ۽ قاري ۽ عالم هو. فقه ۽ حديث ۽ تفسير ۽ تصوف
۽ انشا جي علمن ۾ خوب ماهر هو ۽ حاجي به هو ۽ گهڻو سير
۽ سفر ڪيو هئائين ۽ نيٺ سيد محمد مهدي جو نپوريءَ جو
مريد ٿيو، تنهنڪري ظاهر شريعت وارن عالمن جي مٿس
لوڪ رهندي هئي. مرزا شاه حسن جي راڄ ۾ موروثي
حق موجب هو بکر جو قاضي ٿيو. پيريءَ جي ڪري قضا
جو ڪم پنهنجي پٽ قاضي نصرالله جي حوالي ڪري
پاڻ گوشه نشين ٿيو ۽ سنه ٩٥٨ هه ۾ وفات ڪيائين. قاضي
قاضن جو سنڌي شعر به آهي. سندس پوٽي محمد اشرف بن
محمد يعقوب گهڻو وقت دهلي ۾ گذاريو. چڱو شاعر ۽
خوشنويس هو. سندس ديوان موجود آهي. قاضي قاضن جي
وڏي پٽ **عبدالغفار** کي ”اسدالعلما“ جو لقب هو ۽ انهي
جو پٽ **قاضي محمد ظهير** ٻهرين لڳي جو ۽ پوءِ لاهور
جو قاضي ٿيو ۽ اُتي وفات ڪيائين. گهڻن ڪتابن جون
حاشيون لکيائين.

(٤) **ملا نورالحق**، سيوستاني ملن ۽ عالمن مان


Scanned with CamScanner

۾ زيرانديءَ يا ڇيريءَ کي چون، جو اوائل ۾ هو زيرالديون وڪڻندو هو. هن جو سچو ديوان آهي ۽ شعر تمام عمدو اٿس. وفات ۽ پات ۾ ڪيائين.

(٧) مخدوم عبدالعزيز ڪاهان جي ڳوٺ جو رهاڪو هو، جو هاڻ سيوستان سان لڳو هو. هو هاڻ ۽ سنڌس ۾ پٽ مولانا اثيرالدين ۽ مولانا يار محمد، شاه اسمعيل جي خروج وقت جام فيروز جي راڄ ۾ هرات مان نڪري سنڌ ۾ آيا ۽ ڪاهان ۾ اچي رهيا ۽ وفات ۾ اتي ڪيائون. وارث الانبيا سنڌس وفات جي تاريخ آهي. هو مرزا شاه حسن جو استاد هو. اهي ٽيئي بزرگ وڏا محدث هئا، ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائون. شرح مشڪوة ۽ ٻين حديثن جي ڪتابن جون حاشيون لکيون اٿن، جنهن جي ماڻهو گهڻي قدرداني ڪندا هئا.

(٨) شيخ موسيٰ ريل باران جو رهاڪو هو، جو ڳوٺ سيوستان سان لڳو هو. چانڊڪي ۽ سيوستان پرڳڻن جي الهندي پاسي جبل تائين جيڪا باراني زمين آهي ۽ جنهن کي هاڻ ڪاڇو چوندا آهن، تنهن کي دنت باران سڏيندا هئا. اتي گهڻائي بزرگ ۽ اولياءَ رهيا ۽ گذريا، جن جا نشان اڃا ظاهر آهن. انهن مان هڪڙو شيخ موسيٰ هو، جو سنه ٩٠٠ هه ۾ ريل ۾ رهندو هو. انهي جو هڪڙو ڏهتو خضر شاه سير ۽ سفر لئي نڪتو ۽ ناڳور ۾ وڃي شيخ پرهيزگار

(۲) **شاهہ عبداللطيف** ولد سيد حبيب شاهہ تارڪ پٽائي سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري (نمبر ۸) جي اولاد مان مشهور اولياءُ ۽ شاعر ٿي گذريو. سندس رسالو مشهور آهي. سندس مفصل احوال اسان ڇاپايو آهي. سندس وفات سنہ ۱۱۶۵ھہ ۾ ٿي، جو سال ابجد جي حساب سان رضوان حق مان ٿو نڪري. سندس جاءِ تي سيد جمال ويٺو. ڪيس اولاد ڪو نہ هو.

(۳) **سيّد شفيع محمد** نصرپور جي رضوي سيدن مان وڏو عالم فاضل ٿي گذريو. هو سيد عثمان بن سيد عبدالولي رضويءَ جو پٽ هو. وڏو شاعر هو ۽ سندس سڀ سنڌي شعر حقيقي هوندو هو. شيخ موسيٰ آمنداڻي واري قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي.

(۴) **مخدوم عبدالرحمان** بہ نصرپور جي عالمن ۽ فاضلن ۾ مشهور هو. شاهہ جهان ۽ عالمگير بادشاهن جي وقت ۾ حرمين شريفين جي نذرن جو متولي مقرر ٿيو ۽ بادشاهن جاگير بہ ڏني هيس. وڏو عالم ۽ فاضل هو. سندس پٽ محمد اڪرم ۽ اُنهيءَ جو پٽ ميان مدني، جو مديني منوره ۾ جائو هو ۽ بيا بہ عالم ۽ فاضل ٿي گذريا. هنن قاضين جي اولاد مان گهڻا بيا بہ عالم ٿي گذريا ۽ اڪثر مديني ۾ رهيا. قاضي عبدالرحمان ثاني تہ مديني ۾ مخدوم حيات سنڌيءَ جي قبر ۾ دفن ڪيو ويو، جڏهن سا کيس قبر ۾

تارڪ مخدوم محمد صادق نقشبندي هيءَ جديث لڌي:
الموت جسر يوصل الحبيب الى لقاء الحبيب

(٩) سيّد ثابتعلي شاهه ولد مراد علي شاهه ملتاني
نواب عظيم خان سان سنڌ ۾ آيو ۽ سيوهڻ ۾ رهجي ويو. عربي ۽ فارسيءَ ۾ هوشيار هو ۽ فارسي ۽ سنڌي شعر جوڙڻ لڳو. اڪثر مرثيا ۽ منقبت چيائين. ڪلهوڙا هن کي لوازمو ڏيندا هئا، پوءِ مير صاحب به ساڳي نوازش ڪندا هئا. مير فتحعلي خان کان وٺي مير ڪرمعلي خان جي راڄ تائين رهيو. سنه ١٢٢٥ هه ۾ وفات ڪيائين. سندس گهڻا ڪتاب لکيل آهن. سيوهڻ ۾ دفن ٿيل آهي. مفصل احوال به مون ڏار ڇاپايو آهي. زوار هئڻ ڪري ڪربلائي ۽ ثابت تخلص هوس.

## فصل ٤ - ڪوهستان، ڪراڇي، ساڪره ۽ آس پاس جو ملڪ

(١) شاهه عنايت الله صوفي پٽ مخدوم فضل الله جو ۽ سندس وڏا، جي سڀ ڪامل درويش ٿي گذريا، سي اصل نصرپور جا ويٺل هئا، جو ڳوٺ هوري تي ٻرگڻي ۾ هو. هو پاڻ به مشهور ڪامل درويش هو ۽ وڏا سير ۽ سفر ڪيائين. اهو ڳوٺ اصل متعلوي سيّدن جو هو، جن مان ٻهرين سيد عبدالڪريم شاهه بلڙيءَ وارو مخدوم فضل الله جي ڀڙڏاڏي مخدوم صدوءَ جو مريد ٿيو. شاهه عنايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تذڪرة المراد ۾ ذڪر آهي، جو حاجي محمد حسين صفائي جو لکيل آهي. انهي سيد جو لقب ۽ تخلص مراد هو، ته هن ڪري ڪتاب کي به اهو نالو مليو. هن سنه ٨٩٣ هه ۾ وفات ڪئي. هو عباسي قاضين مان هڪ ٿيو هو. سندس پٽن مان مير محمد حسن مشهور ٿيو، جو مير مرزا جان جو ناني ٿيو.

(٢) سيّد شاه ولي ولد سيد ابوالقاسم شُڪر اللهي شيرازي سيدن مان هو، جنهن جو ڏاڏو سيد شڪرالله سنه ٩٠٦ هه ۾ هرات مان قندهار ۾ آيو ۽ اتان سنه ٩٢٧ هه ۾ مرزا شاه بيگ جي جوڙ تي ٺٽي ۾ آيو ۽ مرزا شاه حسن جي راڄ ۾ اتي جو قاضي مقرر ٿيو. سندس زياده احوال تاريخ طاهري ۾ لکيل آهي. سيد شاه ولي مشهور عالم ۽ فاضل هو ۽ قابل شاعر به هو. مخدوم رحمت الله جو شاگرد هو. ڪتاب تحفة المجالس سندس تصنيف آهي. سنه ١٠٠٥ هه ۾ ڪرار تعلقي ۾ جيڪا سندن جاگير هئي، تنهن جي ڳوٺ جڳت پور ۾ وفات ڪيائين. سندس لاش ڪڍائي ٺٽي آيا ۽ اتي دفن ڪيائون. سيد شڪرالله ثاني جي اولاد مان به ڪي وڏا عالم ۽ فاضل ٿي گذريا. انهن مان مشهور سيد عزت الله ٿيو، جو سنه ١١٦١ هه ۾ گذريو ۽ جهڙي بيت چئي پائين، جن مان به مشهور عالم فاضل ۽ شاعر هئا. مذڪور مير عظيم الدين جنهن فتحنامو لکيو ۽ پيو مير

علي شير جو ڪتاب تحفة الڪرام جو مصنف هو ۽ جنهن شعر ۾ گهڻو چيو، جنهن ۾ سنڌس تخلص واقع هو.

(٣) **شيخ مير محمد** ولد ميرڪ شيخ محمود سبزواري يا عربشاهي يا ميرڪي سيدن مان هو، جنهن جو ڏاڏو ميرڪ شيخ محمود وري سڪرمان ٺٽي آيو ۽ اتي جو شيخ الاسلام ٿيو ۽ سنه ٩٦٢ هه ۾ وفات ڪيائين. شيخ مير محمد ڏاڍو عالم ۽ فاضل هو. ڪتاب جامع فتاوي نوراني انهي جي تصنيف آهي. سنه ٩٧٠ هه ۾ وفات ڪيائين. انهي جي اولاد مان وري **ميرڪ عبدالواسع** مشهور ٿي گذريو. اهو ميرڪ محمد حسين جو پٽ هو ۽ مشهور مجذوب سالڪ هو ۽ ڪشف جو صاحب هو.

(٤) **مير ابوالبقا** عريضي سبزواري سيدن مان هو، جنهنجو وڏو ڏاڏو مير عبدالله سلطان بن مير ابوالمڪارم هو، جنهن جو ذڪر فصل ا جي نمبر ٢ ۾ آيو آهي. مير ابوالبقا کي بهره ور علي ۾ سڏيندا هئا. اهو سيد حيدرالدين ابوتراب استاد ڪامل جو شاگرد هو ۽ عالم ۽ فاضل هئڻ سان گڏ وڏو شاعر به هو. محمد شاهه دهلي جي بادشاهه جي زماني ۾ وفات ڪيائين. ڪتاب تاريخ چراغ هدايت ۽ اشعار گزيده هن جي تصنيفات مان آهن.

(٥) **مير غروري** ڪاشاني سيدن جو بانی هو ۽ مرزا باقي جي وقت ۾ ڪاشان مان ٺٽي ۾ آيو. جڏهن


Scanned with CamScanner

مشهور حڪيم جو شاگرد هو. شعر ۾ نهايت چڱو چوندو هو. سنڌس تخلص مشرب هو.

(۹) **سيد محمد هاشم** ولد سيد محمد ٺٽوي، جو مرزا جاني بيگ جو همعصر هو، تنهنجو پٽ سيد عبدالقادر مشهور عالم ۽ فاضل هو. ڪتاب حديقة الاولياء، جنهن ۾ سنڌ جي ولين ۽ بزرگن جو احوال ڏنل آهي، تنهنجو هو مصنف هو.

(۱۰) **سيد مير محمد** ولد مير محمد فاضل ٺٽي ۾ عالمگير بادشاه جي منصبدارن مان هو. قرآن جو حافظ به هو، خوش نويس به هو، طالبعلم به هو. بادشاهه مٿس ڏاڍو مهربان هو. هو ۲۱ ورهيه برابر بادشاه وٽ رهيو ۽ شهزادي محمد ڪام بخش جو استاد ٿيو. بادشاه جي مرڻ کان پوءِ ٺٽي ۾ آيو ۽ اتي اسي ورهين جي عمر ۾ سنه ۱۱۰۵ هه ۾ وفات ڪيائين.

(۱۱) **قاضي محمود**، عباسي خليفن جي خاندان مان هو، جنهنجو وڏو نعمت الله سنڌ ۾ آيو هو. مرزا عيسيٰ ۽ مرزا باقي جي زماني ۾ ٺٽي ۾ رهيو ۽ وقت جو علامو هو. گهڻا ڪتاب لکيائين، جن مان تذڪرة الاولياء ۽ حواشي مٿين مشهور آهن.

(۱۲) **مخدوم رڪن الدين** مخدوم بلال تالتي واري جو مريد ۽ خليفو هو. وڏو عالم ۽ فاضل شاعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي شرعي وڪيل مقرر ڪيو هو. انهي سنه ١١١٣هه ۾ وفات ڪئي.

(١٥) مخدوم **ابوالفتح** بن مخدوم عبدالجليل اصلي لاهوري بعد رچو رهاڪو هو. اهو بندر ۾ شاهه بندر رهڻي اورنگزيب بادشاهه جي والده جي جاگير ۾ هئا. جڏهن اهو شاهزادو ملتان ۾ آيو، تڏهن هن مخدوم کي انهي جاگير جي حساب ڪتاب لاءِ محرر مقرر ڪيائين، پوءِ سندس منشي ٿيو ۽ اهڙي قابليت ڏيکاريائين، جو مير منشي ٿيو ۽ قابل خان خطاب مليس. سندس جون انشائون مشهور آهن. جڏهن پيريءَ ۾ هو گوشه نشين ٿيو، تڏهن سندس ننڍو پٽ محمد شريف سندس جاءِ تي قابل خان ٿيو. اهو به جهڙس ئي عالم ۽ فاضل هو. انهي جون انشائون به مشهور آهن. ميان **اسد الله** قابل خان جو ڏهٽو به وڏو شاعر ٿي گذريو. تخلص روشن هوس. **عبدالرؤف** ابوالفتح قابل خان جو ناٽي پهرين دولتمند ماڻهو ۽ عالم هو، پوءِ مجذوب سالڪ ٿي پيو ۽ گهر ويران ڪري ڇڏيائين. شاهي جو لقب مليس. شعر نهايت عمدو چوندو هو. تخلص جوڳيا هوس. سندس ديوان موجود آهي.

(١٦) **مخدوم طالب الله** ولد شيخ عبدالله اصل بدبط جو ويٺل، لنڊي ۾ وڏو عالم ۽ مدرّس ٿيو. سندس مدرسي جي خرچ لاءِ عالمگير بادشاهه ڏهه هزار دام انعام ڏنس


Scanned with CamScanner

ڏاڍو نهايت وڏو عالم هو ۽ منصبدار به هو. عالمگير جي راڄ کان وٺي فرخ سير جي راڄ تائين بادشاهي ميرمنشي هو ۽ قابل شاعر به هو. ٺٽي جا گهڻا شريف ماڻهو جيئن ته ميرڪ محمد افضل ۽ ميرڪ مراد ۽ ٻيا وٽس صحبت لاءِ ايندا هئا ۽ سندس اڳيان ادب سان ويهندا هئا ۽ فيض حاصل ڪندا هئا.

(٢٢) **داروغه ڪهر** ترخاني زماني ۾ وڏو سرڪاري ملازم ٿي گذريو آهي. محمد علي ديوان ترخاني سندس ناٺي هو، ته ٺٽي ڪري چڱي حالت ۾ رهيو. سندس پٽ عبدالواسع به مشهور ٿيو ۽ اُنهيءَ جو پٽ **ميان محمد رضا** ته عالم ۽ شاعر ٿيو. هو شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو مريد هو. ڪتاب بيان العارفين تنبيه الغافلين، جنهن ۾ سيد مٺين جو احوال ۽ ملفوظات ڏنل آهي، سو سندس تصنيف ڪيل آهي، جو سنه ١٠٣٨ هه ۾ لکيائين.

(٢٣) **مولانا محمد حسين** ولد مولانا سُروري وڏو عالم ۽ مدرّس هو، شاعر به هو ۽ عاشق به هو. هو جانبازي لقب سان مشهور ٿيو. هڪڙي خوبصورت ڇوڪري تي عاشق . ، جنهن ماري وڌس. مرڻ کان به ٿي ڏينهن اڳي . پنهنجي اتي ۾ جو احوال هڪ ي شعر ۾ آندو.

(٢٤) مُلّا ع . **سول** و .. يوسف جهڙو عالم ۽ . هو. فصاحت . ۾ جهڙو الو ڪيا ئين.

هوس. جهانگير بادشاهہ جي ڏهد ۾ قباد خان حاڪم جي وقت تائين جيئرو هو. سندس ديوان مشهور آهي.

انهيءَ ساڳئي وقت، ملا محب علي ۽ عبدالقيوم ۾ عالم فاضل ڪامل شاعر ۽ معتبر ۽ نالي وارا شخص ٿي گذريا.

(٣١) **مير ابو القاسم سلطان** ولد ابوالقاسم خان زمان سنڌ جي تاريخ ۾ مشهور آهي، خاص شجاعت جي ڪري. شعر گوئي ۽ شعر فهميءَ ۾ قابل هو. سندس تخلص بيگلر هو. سنہ ٩٦٩ هہ ۾ ڄائو هو. جنيسر نامہ، جو منتخب التاريخ ۽ تاريخ طاهري ۽ واري هن جي تصنيف ڄڻي آهي، سو غلط آهي. اهو ادراڪي شاعر جو لکيل آهي، جو هن سندس نالي ڪيو.

## فصل ٦- متفرق عالم ۽ فاضل، مصنف ۽ شاعر

(١) **محمد مقيم**- ترخان جي زماني ۾ مرزا جاني بيگ سان گڏ اڪبر بادشاهہ جي خدمت تائين پهتو. چڱو شاعر هو. ڪتاب ترنم عشق شعر ۾ لکيائين، جنهن ۾ مومل ۽ ميندري جو قصو مثنويءَ ۾ آندائين.

(٢) **ملا عبد الرشيد** اصل لاهري ٻندر جو رهاڪو هو. فقہ ۾ قابل هو، پر شاعر به قابل هو. مرزا غازيءَ کي سندس صحبت گهڻو پسند هئي، تنهن ڪري هن کي پنهن جي وطن مان گهرائي پاڻ وٽ رکيائين ۽ خان جو خطاب ڏنائيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٣) **ملا محمد صوفي** مرزا غازي بيگ جي وقت جو شاعر هو. اڪثر ساڻس گڏ رهندو هو ۽ مشاعرن ۾ شامل ٿيندو هو.

(٤) **غيوري** عرف شڪر جهڙو شاعر هو. ديوان اٿس.

(٥) ميان **فتح الله** ولد عبدالله مغل ٺٽي جو شاعر هو، حسيني تخلص هوس. پير دستگير جو خليفو هو. سِڪن ڍالڻ ۽ مُهرن کوٽڻ جو ڪم ڪندو هو.

(٦) **محمد مير** عرف ميان ماشو ولد ميان دائود عربي ۾ جهڙو عالم هو ۽ فارسي ۾ شاعر به هو. محمد صباح (نمبر ٢٠٦) سان گڏ طبع آزمائي ڪندو هو. نواب اعظم خان سان گڏ جي جهان آباد ويو ٿي، انهي لاءِ ته محتسب مقرر ٿئي، پر جڏهن ٻکر پهتو، تڏهن حياتي پوري ٿيس.

(٧) **شيخ محمد فاضل** ولد شيخ علي محمد، برجستو شاعر ۽ خوش نويس ٿي گذريو.

(٨) **حيرتي** ٺٽي جي مشهور شاعرن مان هو ۽ شهرتي شاعر (نمبر ٣، فصل ٥) جو همعصر هو.

(٩) **ملا يار محمد** خادم ۽ **محمد رضا** هاشمي، ٻئي عالمگير بادشاهه جي زماني ۾ ٺٽي جا مشهور شاعر هئا. سندن شعر ۾ ظرافت به هئي ۽ بلاغت به هئي.

(١٠) **عبدالشڪور** ٺٽي جو مشهور شاعر هو ۽ **عاقبت محمود خان** به، جنهن جو تخلص عيشي هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو منصبدار هو. سندس ديوان ۽ انشا مشهور آهي.

(١١) آخوند محمد شفيع پارسي خوان، مشهور استاد ۽ عجيب طبع جو شاعر هو. تاريخ ڪڍڻ ۾ ڏاڍو قابل هو. مير عبدالقدوس شيرازيءَ جي مصاحبن مان هو. سڀ معزز ۽ دولتمند ماڻهو کيس گهڻي تعظيم ڏيندا هئا.

(١٢) مير محمود استراباد جي رضوي سيدن مان هو. نواب سيف الله خان جي عهد ۾ سنه ١١٤٠هه ۾ عتبات عاليات جي زيارت ڪري موٽي ٺٽي آيو ۽ اتي رهي پيو. شادي ڪيائين ۽ اولاد ٿيس. منقبت ۽ مرثيا تمام گهڻا چيائين.

(١٣) محمد پناه مير حيدرالدين ابو تراب ڪامل جو شاگرد هو. رجا تخلص هوس. تمام چڱو شعر چوندو هو ۽ تاريخون ڪڍندو هو. درويشن ۽ فقيرن جي صحبت ۾ گهڻو رهندو هو.

(١٤) آقا محمد صالح تبريزي، سورت بندر ۾ آيو هو ۽ ٺٽي ۾ اچي رهي پيو ۽ مشهور شاعر ٿي گذريو. واثق تخلص هوس. خوشنويس به هو ۽ انشا پرداز به. سنه ١١٧٩هه ۾ وفات ڪيائين.

(١٥) شيخ عبدالسبحان ولد شيخ مرتضيٰ- هي حاضر جواب شاعر هوندو هو ۽ ظرافت آميز شعر چوندو هو. منقبت به گهڻا چيائين. اهلبيت جي محبت ڪان گهڻا مخالف ميان نور محمد ڪلهوڙي جي راڄ ۾ هڪڙي اڪيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيڻ لڳا، جا هن سعادت سمجهي صبر سان سٺي. سندس مولود به مشهور آهن. ڪانئس پوءِ سندس پٽ محمد رفيع به چڱو شعر چوندو هو.

(١٦) **آخوند فيض الله ملا ماڇو** هو ۽ ٺٽي جو رهاڪو هو. گھڻن شاعرن جا نازڪ ۽ خيالي شعر خوب ڄاڻندو هو ۽ سمجهائيندو هو ۽ پاڻ به چڱو شعر چوندو هو. تخلص طپش هوس. نثر توڙي نظم تعريف جھڙو لکندو هو.

(١٧) **مخدوم اسد الله** ٺٽي جي مخدومن مان ۽ محمد معظم ترائي جي اولاد مان هو. محمد محسن (نمبر ٢٧ پنجين فصل واري) جو شاگرد هو. طبع تمام چڱي هيس. شعر عمدو چوندو هو. گھڻي مدت سورت بندر ۾ گذاريائين.

(١٨) **آخوند غلام محمد** ولد محمد حسن ٺٽي ۾ فارسيءَ جو چڱو مدرس هو. شعر به چڱو چوندو هو، خصوصاً تاريخون ۽ قطعا. سندس گھڻا شاگرد هوندا هئا.

(١٩) **مرزا غلام علي** الهوردي بيگ گاذروني جو پوٽو هو. شيخ قمر الدين جي خدمت ۾ رهندو هو ۽ بادشاه جي لشڪر ۾ گذاريندو هو. شعر تمام چڱو چوندو هو. مومن تخلص هوس. ديوان اٿس.

(٢٠) **شاه حسين** ٺڪدري، مرزا شاه حسن جي ٺڪدري اميرن مان هو. عالم فاضل ۽ شاعر هو. تاريخ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيترن جي فن ۾ ماهر هو. ڪتاب روضته السلاطين سندس تصنيف آهي.

**(٢١) مولوي مصلح الدين لاڙي،** لقبي جو ڪڙو عالم ۽ فاضل شخص هو. مرزا شاهه حسن کي ٻه پڙهايائين. سنه ٩٦١ هه ۾ حج ڪري ويو. ڪتاب شرح شمايل نبوي ۽ حاشيه تفسير بيضاوي ۽ شرح فارسي منطق ۽ ٻيا به گهڻا ڪتاب لکيائين.

**(٢٢) قاضي ڏتو سيوهاڻي** - هو ٻڪر جي قاضي، شرف الدين جو شاگرد هو، جنهن کي مخدوم راهو جولدا هئا. حديث جو علم مخدوم بلال تلٽي واري کان پڙهيو ۽ ٻيا علم مخدوم محمود فخرپوتي ۽ عبدالعزيز هراتي وٽ پڙهيو. ارڙهن تفسير پڙهيائين. جفر جو ماهر ۽ ٻيا گهڻا مخفي علم ڄاڻندڙ هو. ترڪي به ڄاڻندڙ هو. ذهن تمام چڱو هوس. گهڻا ڪتاب يادگيري ۾ لکيائين به.

**(٢٣) مير شاهه مسعود ۽ مولانا فخري ۽ حيدر ڪلوخجو** به مرزا شاهه حسن جي وقت جا تمام چڱا شاعر هئا. ٻنهين جو ديوان حيدري ته مشهور آهي.

**(٢٤) مير يونس ارغون** پوءِ همايون بادشاهه وٽ ۽ پوءِ محمد زمان مرزا وٽ هو ۽ پوءِ مرزا شاهه حسن ۽ سلطان محمود خان وٽ وڃي رهيو. ترڪي ۽ فارسي شعر تمام چڱو چوندو هو. سنه ٩٨٥ هه ۾ وفات ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس لاش لاهور جي رستي کڻي ويا ۽ سندس جاءِ تي سندس ننڍو پٽ رکيو ويو.

(٢٩) سنڌ جي ڪلهوڙن حاڪمن مان ميان غلام شاهه ۽ ميان محمد سرفراز به علم دوست هوندا هئا ۽ عالمن ۽ فاضلن کي مان ڏيندا هئا، پاڻ به شعر چوندا هئا، سنڌي به فارسي به. سندن ڪي غزل ۽ ڪي مداحون موجود آهن.

(٣٠) ساڳي طرح ٽالپرن يا ميرن حاڪمن مان مير فتحعلي خان ۽ مير ڪرمعلي خان به علم دوست هئا ۽ سندن وقت ۾ عالم ۽ شاعر ايندا هئا ۽ مان پائيندا هئا. هو پاڻ به هوشيار هوندا هئا ۽ شعر چوندا هئا. ثابتعلي شاهه جنهن جو اشارو مٿي آيو آهي، سو سندن زماني جو شاعر آهي. سڀ کان پوئين ميرن جو چڱو شاعر ۽ مصنف ٿي گذريو، سو مير حسنعلي خان ولد مير نصير خان هو، جنهن اسانجي وقت ۾ وفات ڪئي. سندس مرثيا ۽ منقبت تمام گهڻا آهن، جي ثابتعلي شاهه جي تتبع تي چيا اٿس، ۽ نثر ۾ به سندس ڪي ڪتاب آهن، جي مذهب جي بابت آهن. شعر ۾ سندس تخلص حسن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# الف بي وار ياداشت ماڻهن جي

(اشارو- مٿيون انگ فصل لو ڏيکاري ۽ هيٺيون اسم)

## (ا)

آدم (مخدوم) ٥/١٦

ابراهيم (قاضي؟) ٣/١

ابو البقا (مير) ٥/٤

ابو الخير (مخدوم) ٥/١٣

ابو الحسن (مخدوم) ٥/١٨

ابو الفتح (مخدوم) ٥/١٥

ابو الفضل (شيخ) ٢/٨

ابو القاسم (ملا) ٥/١٤

ابو القاسم سلطان ٥/١

ابو المڪارم (مير) ٢/٢

ابوبڪر (ميان) ٢/٥

ابو علي سنڌي ٤/٢

احمد (مُلّا) ٥/١٤

اسد الله روشن (مخدوم) ٦/١٧

اسد الله (ميان) ٥/١٥

اسمٰعيل (قاضي) ١/٤

امان الله (خواجه) ٥/٨

امير حسيني ١/٢

امين الدين (مير) ٥/٤

## (ث)

ثابتعلي شاه زوار ڪربلائي ٣/٩

## (ج)

جانشاه رضوي (مير) ١/٤

جهانگير شاه هاشمي ١/١

## (ح)

حسن علي خان حسن (مير) ٦/٤٠

حيدر الدين ابوتراب ڪامل ٥/٧

حيدر ڪاوخجو (مير) ٦/٤٣

حيدر هروي، ڪليچ ٢/٦

حيرتي ٦/٨

## (د)

دانشور خان شهرتي ٥/٣٠

داؤد (درويش) ٣/٦

## (ڏ)

ڏتو (قاضي) ٦/٢٢

## (ر)

رحمت الله (شيخ) ٣/١

رضي الدين فدائي (مير) ٥/٧

رڪن الدين (مخدوم) ٥/١٢

## (ز)

زين العابدين قانع (مير) ٥/١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(س)

سعيد قريشي ١/٢
سعيد ڪاشاني، سرمد ٥/٢٨
سيد علي شيرازي ٥/١
سلامي (مُلّا) ٥/٢٦

(ش)

شاه حسين تڪدري ٦/٢٠
شاه مسعود (مير) ٦/٢٣
شاه ولي (سيد) ٥/٢
شفيع محمد (سيد) ٣/٢

(ط)

طالب الله (مخدوم) ٥/١٦

(ع)

عاقبت محمود خان عيشي ٦/١٠
عباس (مخدوم) ٦/٢٦
عبد الباسط (شيخ) ٥/١٦
عبد الحڪيم عطا (ملا) ٥/٢٦
عبد الحليم (ميان) ٢/٥
عبد الرحمان (مخدوم) ٣/٣
عبد الرسول (ملا) ٥/٢٣
عبد الرشيد (ملا) ٦/٢
عبد الرؤف جوڻا (ميان) ٥/١٥
عبد السبحان (شيخ) ٦/١٥
عبد الشڪور ٦/١٠
عبد العزيز (مخدوم) ٢/٧
عبد الغفار (قاضي) ٢/٣
عبد الغني (شيخ) ٥/٢١
عبد القادر (سيد) ٥/٩
عبد القيوم ٥/٢٠
عبد الڪريم (سيد) ٣/٨
عبدالله سلطان خان عريضي ٢/٢
عبدالله (شيخ) ٣/١
عبداللطيف ٣/١
عبداللطيف تاڪ پڌائي ٣/٢
عبدالواسع صوفي (شيخ) ٥/١٧
عبدالواسع (ميرڪ) ٥/٢
عثمان مروندي (شيخ) ٢/١
عظيم الدين ٥/٢
علي شير قانع ٥/٢
علي احمد (مخدوم) ٥/١٦
عنايت الله صوفي (شاه) ٣/١
عيسيٰ سنڌي (شيخ) ٣/٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| محمد ظهير [ قاضي ] | ٢/٣ |
| محمد علي [ مير ] | ١/٢ |
| محمد علي صوفي | ٥/١٧ |
| محمد فاضل [ شيخ ] | ٥/٧ |
| محمد محسن پاتولي | ٥/٢٧ |
| محمد محفوظ سرخوش [شيخ] | ٥/٢٥ |
| محمد مريد [ شيخ ] | ٥/٢٥ |
| محمد معين تسليم [ مخدوم ] | ٥/١٩ |
| محمد مقيم | ٦/١ |
| محمد منعم [ مير ] | ٥/٥ |
| محمد هاشم [ مخدوم ] | ٥/٢٠ |
| محمد مير | ٦/٦ |
| محمود [ قاضي ] | ٥/١١ |
| مرتضاى مشرب [ خواجه ] | ٥/٨ |
| مصلح الدين [ مولوي ] | ٦/٢١ |
| معصوم شاه نامي [ مير ] | ١/١ |
| موساي [ شيخ ] | ٢/٨ |
| مهابت خان كاظم | ٦/٢٨ |
| مير محمد [ شيخ ] | ٥/٣ |
| مير محمد [ سيد ] | ٥/٩ |
| **( ن )** | |
| ناصرالدين مدني | ٢/٥ |
| نجم الدين عزلت [ مير ] | ٥/٩ |
| نورالحق مشتاقي [ ملا ] | ٢/٣ |
| **( و )** | |
| وجه الدين [ ميان ] | ٢/٥ |
| **( هه )** | |
| هارون [ سيد ] | ٢/٥ |
| همون [ ميان ] | ٢/٦ |
| **( ي )** | |
| يار محمد [ ملا ] | ٦/٩ |
| يار محمد [ مولوي ] | ٦/٢٦ |
| يوسف سنڌي [ شيخ ] | ٤/٢ |
| يونس ارغون [ مير ] | ٦/٢٠ |


Jeay Sindh



Scanned with CamScanner

# الف بي وار ياداشت ڪتابن جي

[اشارو- مٿيون انگ، فصل تو ڏيکاري ۽ هيٺيون اسم]


آداب المريدين ٥/١

آئين اڪبري ٢/٨

اشعار گزيده ٥/٤

اصطلاحات رضويه ٥/٦

اقتباس مشڪواة ٥/١٧

اڪبرنامه ٢/٨

انشاي ابوالفضل ٢/٨

انشاي عيشي ٦/١٠

انشاي فيضي ٢/٨

انشاي قابل خان ٥/١٥

انشاي محمد شريف ٥/١٥

**ب**

بهمن نامه ٥/٨

بيان العارفين } ٣/٨

تنبيه الغافلين } ٥/٤٤

**ت**

تاريخ چراغ هدايت ٥/٧

تاريخ طاهري ٥/٢ ٥/٣٦

تاريخ معصومي ١/١

تحفة الڪرام ٥/٤

تحفة المجالس ٥/٤

تذڪرة الاوليا ٥/١١

تذڪرة المراد ٥/١

ترنم عشق [مثنوي

مومل راڻو] ٦/١

**ج**

جامع فتاوي پوراني ٥/٤

**چ**

چچ نامه ١/٤

چنيسر نامه ٥/٣٦

**ح**

حاشيه تفسير بيضائي ٦/٣١

حاشيه شرح ملا ٣/١

حديقة الاوليا ٥/٩

حملهء حسيني ٥/٣٧

حواشي حديث ٢/٤ ٢/٧

حواشي مشڪواة ٢/٧

حواشي متين ٥/٢٢



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خ

خمسه فيضي ۲/۸

د

دستور السيّاق ۵/۲۴

ديوان اشرف ۲/۴

ديوان جويا ۵/۱۵

ديوان حسني ۵/۵

ديوان حسيني ۶/۱۵

ديوان حيدري ۶/۲۴

ديوان شهرتي ۵/۳۰

ديوان عطا ۵/۲۶

ديوان حبشي ۶/۱۰

ديوان غروري ۵/۵

ديوان غيوري ۶/۴

ديوان فيضي ۲/۸

ديوان ڪليم ۲/۶

ديوان محسن ۵/۲۷

ديوان مومن ۶/۲۹

ديوان مير ۱/۴

ديوان نامي ۱/۲

ر

رسالو شاه عبداللطيف ڀٽائي ۴

رسالو شاه ڪريم ۳/۸

رشحات الفنون ۵/۷

روضة السلاطين ۶/۳۰

ز

زادالمسافرين ۱/۴

س

سنڌي ابوالحسن ۵/۱۸

سنڌي قاضي قاضن ۲/۴

سنڌي مخدوم محمد هاشم ۵/۳۰

سواطع الالهام ۲/۸

ش

شجرهٔ سادات بخاري منظوم ۱/۴

شرح اربعين ۵/۱۲

شرح ديوان حافظ ۵/۶

شرح شمائل نبوي ۶/۲۱

شرح گيلاني ۵/۱۲

شرح مخزن الاسرار ۵/۱۷

شرح منطق ۶/۲۱

شطحيات سرمد ۵/۲۸

ص

ضرر البشر ۵/۲


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ط

طب نامي ١/١

طراز دانش ٥/٢٧

طوطي نامہ ٥/٦

## ع

عشيقہ عثمان مروندي ٢/١

عقد دوازدہ گوہر ٥/٢٧

علم ڪلام ٣/١

## ف

فتاوي عالمگيري ٥/١٣

فتحنامہ سنڌ ٥/٢

## ق

قصايد فيضي ٢/٨

قصايد محسن ٥/٢٧

## ڪ

ڪنز الرموز ١/٢

## م

مراثي و مناقب ثابتعليشاہ ٣/٩

مراثي و مناقب عبدالسبحان ٦/١٥

مراثي و مناقب مير حسنعلي خان ٦/٣٠

مراثي و مناقب مير محمود ٦/١٢

مراثي و مناقب عطا ٥/٢٦

مثنويات عطا ٥/٢٦

مثنويات غروري ٥/٥

مثنويات فيضي ٢/٨

مثنوي سليمان و بلقيس ٥/٧

مثنوي ترنم عشق مومل راڻو ٦/١

مثنوي مظهر الاثار ١/١

مثنوي ناز و نياز (سسئي پنهون) ١/١ ٥/٢٩

مثنوي نغمات شوقي ٥/٢٩

معلومات الآفاق ٥/٧

منتخب التاريخ ٥/٣١

منطق ٥/٦

## ن

نزهت الارواح ١/٤

نفايس الافڪار في عرايس الابڪار ٥/٢٤

## ھ

هفت اختر ٥/٨


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

PRINTED AND PUBLISHED BY
JETHMAL PARSRAM GULRAJANI AT THE BHARATVASI PRESS
HYDERABAD SIND
SIND PUBLISHING HOUSE.

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اسانجا ڪتاب

| | سنهو | ٿلهو |
|---|---|---|
| ١- هئمليٽ (لاثاني شيڪسپيئر جو لاثاني ناٽڪ) | -.٦-١ | -.١٠-١ |
| ٢- دکي انسان (عالم مشهور ناول لکندڙ فرينچ هيوگو جو ڪتاب) | -.-١ | |
| ٣- سچل سرمست (ٻائي، خيال ۽ ڪلام) | -.١٤-. | -.٤-١ |
| ٤- گوتم ٻڌ جي حياتي | -.٢-١ | -.٤-١ |
| ٥- سنڌ جو سئلاني (پيرو مل مهرچند) | -.٢-١ | -.٤-١ |
| ٦- زئبوني (پروفيسر موتومل ايم گدواڻي) | -.٤-١ | -.٨-١ |
| ٧- چمڙا پوش جون آکاڻيون | -.٥-. | |
| ٨- نؤورنيءَ جو خون ۽ ٻيون آکاڻيون | -.٤-. | |
| ٩- ڀائي ڪلاچند جي حياتي | -.٦-. | |
| ١٠- صوفي سگورا (رومي، غزالي، لطيف، عطار ۽ ٻيا) | -.١٠-. | |
| ١١- ڪامل مرشد | -.٢-. | |
| ١٢- ترنک جو ترت | -.١٢-. | |
| ١٣- مهاڀاري لڙائي | -.٣-. | |
| ١٤- روح رهاڻ جا اکيان جلد پڪا ٻڌل | ١٩٢١ | -.٨-٢ |
| ١٥- | ١٩٢٢ | -.٨-٢ |
| ١٦- جپ جي صاحب جيٺمل پرسرام | | -.٨-. |
| ١٧- ميران ٻائي (جيوت ۽ شبد) | | -.٨-. |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سھڻو لعل لطيف

## سنڌ جي ساھتي خزاني جو املھ ماڻڪ آھي،

## **پر سولو نہ آھي؛**

مسٽر چيئنمل پرسرام پنھنجي ٢٠ سالن جي محنت ۽ تجربي بعد شاھ جو رسالو سولي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي.

## **سو ڪيئن؟ سو ھيئن!**

اول پڙھ شاھ جون آکاڻيون پاڱو پھريون

پوءِ پڙھ " ٻيو

آخر پڙھ آکاڻين جي سمجھاڻي

اڻ شاھ جو رسالو تہ انھن آکاڻين ۽ سمجھاڻين ۾ سمايل آھي. مٿين ڪتابن ۾، ھيٺان لفظن جون معنائون اُتيئي اُتي ڏنيون پيون آھن. اھي ڪتاب پڙھي پوءِ ڪٿي رسالي جي سمنڊ ۾ گھڙي پؤ تہ انشاالله اُميد آھي تہ تڙ ڳندو ويندين!

## ڪجھ ٿلھو

| | |
|---|---|
| جدا جدا ھر ھڪ ڪتاب: جي قيمت ـ.ـ١ | ـ٤ـ١ |
| ٽيئي ڳڏ ڪپڙائين يڪي جلد سان | ـ٤ـ٣ |
| ٻہ پاڱا آکاڻيون | ـ٤ـ٢ |

---

ٻاھر وارن کان ٽپال خرچ نہ، پر مني آرڊر ۽ رجسٽر في مٿن.

سنڌ پبلشنگ ھائوس، پارتواسي پريس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book